# آزادي

## ڇا کي چئبو آهي؟

**12-August-2021**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

12 آگسٽ 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# آزادي ڇا کي چئبو آهي؟

هن بيان ۾ اوهان ڇاٽي سگهندؤ

✿..."بني اسرائيل" آزادي کان پهريان ۽ آزادي کان بعد

✿...پاڪستان ۽ تحريڪِ آزادي جي مختصر تاريخ

✿...آزادي ڇا کي چئبو آهي...؟

✿...جشنِ آزادي ڪيئن ملهايون...؟

پيشڪش
**مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه**(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بيانات دعوتِ اسلامي)
**ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ**(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا اسلامي ڀائرو! نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف جي معنيٰ آهي: مون سُنّت اعتڪاف جي نيت ڪئي. مسجد ۾ اچڻ ثواب جو ڪم آهي، جڏهن ته مسجد ۾ حاضري جي سعادت ملي، هر ڀيري ياد ڪري عربي، سنڌي يا ڪنهن ٻه زبان ۾ اعتڪاف جي نيت ٻه ڪرڻ گهرجي! اِنْ شَآءَ الله! هن جي برڪت سان جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفلي اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا ته ضمناً اهي شيون ٻه جائِز ٿي وينديون.

## درودِ پاڪ جي فضيلت

سردارِ مڪه، شاهِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو، جيستائين منهنجو نالو ڪتاب ۾ رهندو، ملائڪ لکڻ واري جي لاءِ بخشش جي دُعا ڪندا رهندا.(1)

---

1...معجم اَوْسط، جلد:1، صفحه:497، حديث:1835.

عجب کرم ہے کہ خود مجرموں کے حامی گناہگاروں کی بخشش کرانے آئے ہیں
وہ پرچہ جس میں لکھا تھا درود اس نے کبھی یہ اس سے نیکیاں اس کی بڑھانے آئے ہیں (1)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيَّتون

معجم کبير جي حديثِ پاڪ ۾ آهي: نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ مؤمن جي نيت ان جي عَمل کان بهتر آهي.(2)

**اي عاشقانِ رسول!** سٺي نيت جنّت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ته! مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دل ۾ ارادو ڏسو ته ان شاءالله الڪريم! چئي ڪري ان جو اظهار ڪيو: ❖ عِلم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ❖ اَدَب سان ويهندس ❖ بيان جا اهم نڪتا لکندس ❖ جيڪو ٻُڌندس، گهر وارن کي، ٻارن کي، دوستن احبابن کي ٻڌائي ڪري علمِ دين جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## بني اسرائيل: غُلامي کان آزادي تائين

پيارا اسلامي ڀائرو! بني اسرائيل پنهنجي دَور جي تمام وڏي رُتبي واري قوم هئي. اَصل ۾ اِسرَائِيل حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جو لقب آهي، حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جا 12 پٽ هئا يعني حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام ۽ سندس 11 ڀائر، انهن مان جيڪو نسل وڌيو، 12 قبيلا ٺهيا، انهن کي بني اسرائيل چيو ويندو

1...سامانِ بخشش، صفحہ:93-94 ملتقطاً۔
2...جامع صغير، صفحہ:81، حديث:1284۔

آهي. قرآنِ ڪريم ۾ ڪيئي هنڌن تي بني اسرائيل جو تذڪرو آهي.

بني اِسرائيل جو اباڻو وطن مُلڪ شام ۾ ”ڪنعان“ نالي علائقو هو، جڏهن حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام مصر ۾ آيا، اتي پاڻ نبوت جو اعلان ڪيائون، مِصر وارن کي ڪفر ۽ شرڪ کان روڪيائون، انهن کي الله پاڪ وَحدَہ لَا شَرِيڪ جي عِبَادت جي دعوت ڏنائون، الله پاڪ حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام کي عَزِيز مِصر (يعني مِصر جي وَزِيرِ اعظم) جو عهدو عطا ڪيو، ان وقت جو بادشاھ بہ حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام تي اِيمان آڻي فرمانبردار ٿي ويو، ان وقت حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام جو والِد حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام، 11 پٽن ۽ باقِي گهر وارا مِصر تشريف ڪٽي آيا.

بني اسرائيل حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جو اَولاد هو ۽ مِصر جي وَزِيرِ اعظم يعني حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام جي خاندان وارا بہ هئا، ان ڪري مِصر ۾ بني اسرائيل جي عزّت هئي، انهن جو مقام ۽ مرتبو هو، ماڻهو انهن جو احترام ڪندا هئا. آخر حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام دُنيا مان لاڏاڻو ڪيو وقت گذرندو ويو، صديون گذرڻ کان بعد مِصر جي حڪومت هڪ نهايت مَغرور ۽ سرڪش شخص جي هٿ ۾ آئي، ان جو نالو هو: وَلِيد بِن مُصعَب ۽ لقب فرعون هو. ان بدبخت خُدائي جي دعويٰ ڪئي ۽ بني اسرائيل کي پنهنجو غُلام بڻائي ڇڏيائين.[1]

گدا کو بادشاہ یا بادشاہوں کو گدا کر دے میرے مالک تُو جب چاہے کسی کو کیا سے کیا کر دے

اها بہ قُدرت جي هڪ عجيب نشاني آهي، الله پاڪ جنهن کي چاهيندو آهي بادشاهي عطا ڪندو آهي، جنهن کي چاهي ٿو غلامي جي زنجيرن ۾ جڪڙي ڇڏي ٿو.

---

[1]…تفسير نعيمى، پاره:1، البقرة، جلد:1، صفحه:328و370خلاصةً۔

| | |
|---|---|
| وَ تُعِزُّ مَنْ تَشَآءُ وَ تُذِلُّ مَنْ تَشَآءُ ؕ<br>(پاره3،سورۂ آلِ عمران:26) | ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جنهن کي گهرين عزت ڏين ۽ جنهن کي گهرين ذلت ڏين. |

ڪسی کو تاجِ وقار بخشے، کسی کو ذِلّت کے غار بخشے
جو سب کے ماتھے پہ مہرِ قُدرت لگا رہا ہے، وہی خُدا ہے

اَصل ۾ اهو هڪ امتحان هوندو آهي، انسان کي پرکيو ويندو آهي، ڏنو ويندو آهي: ڪير ڪيئن آهي؟ الله پاڪ ته سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو، ان کي خبر آهي ته ڪير نيڪ آهي، ڪير بَد آهي، الله پاڪ ڄاڻي ٿو ته ڪير واقعي نيڪ آهي ۽ ڪير صِرف نيڪ نظر اچي ٿو، الله پاڪ کي ته ڄاچڻ جي، امتحان جي حاجت ئي نه آهي پر انسان جي اندر جو جيڪو جَوهر آهي، هڪ سٺي انسان جي اندر جي جيڪا چڱائي آهي ۽ هڪ بُري انسان جي اندر جو جيڪو شيطان آهي، ان کي دُنيا جي سامهون ظاهر ڪيو ويندو آهي، بادشاهن کي غُلام بڻائي، غُلامن کي بادشاه بڻائي اِنسان جي حقيقت کان پردو کنيو ويندو آهي، ڪيترا ئي اهڙا جيڪي بادشاه بڻجي، ڪنهن وڏي عهدي تي رهي، منصب تي رهي وڏا نيڪ هوندا آهن، وڏا شڪر گذار هوندا آهن، وڏا رحم دِل هوندا آهن پر جڏهن انهن کان بادشاهي کسجي ويندي آهي، جڏهن انهن کان منصب ورتو ويندو آهي، تڏهن انهن جي اندر جو اَصل انسان نِروار ٿي سامهون ايندو آهي، تڏهن اهي پنهنجي اُنهيءَ رَبّ سان شڪوه ڪرڻ لڳندا آهن جنهن انهن کي بادشاه بڻايو هو، جنهن انهن کي عهدو ۽ منصب ڏنو هو، اهي ماڻهو اصل ۾ الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارا ناهن، اهي پنهنجي منصب ۽ عهدي سان محبت ڪرڻ وارا هوندا آهن، ڪيئي ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي فقير هجن، غريب هجن ته وڏا نيڪ هوندا آهن، رحم دِل، شڪر گذار هوندا آهن پر جيئن ئي

منصب ملندو آهي، جيئن ئي عهدو ملندو آهي، جيئن ئي چار پيسا گڏ ٿيندا آهن تہ انهن جي اندر جو غرور، انهن جي اندر جو تڪبر سامهون ايندو آهي، اهي بہ الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارا نہ آهن بلڪ اَصل ۾ پنهنجي اندر جي اُن خواهش جا، پنهنجي اندر جي غُرور ۽ تڪبر جا غُلام آهن، الله پاڪ جو سچو ٻانهو اهو آهي جيڪو هرحال ۾ هڪ جهڙو رهندو آهي، جيڪو غريب هجي تڏهن بہ شڪر گذار هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ان کي منصب ملي وڃي، تڏهن بہ الله پاڪ جو شڪر گذار رهندو آهي.

بني اسرائيل کي بہ آزمايو ويو، فِرعَون کي بہ آزمايو ويو، حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام جيڪي مِصر جا حڪمران هئا، جيڪي مُلڪ مصر جا باقاعِده مالِڪ هئا، ڏڪار وارن ڏينهن ۾ حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام باقاعده مِصر کي خريد ڪيو هو، تمام مِصر وارن کي خريد ڪري پنهنجو غُلام بڻايو هو، وري پوءِ آزاد ڪيو هو، اُن ئي حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلَام جي اَولاد کي، سندس ڀائرن جي اَولاد کي هاڻي مِصر ئي ۾ غُلام بڻايو ويو، فِرعَون کي مِصر جي بادشاهي عطا ڪئي وئي، اهو هڪ امتحان هو، ان امتحان ۾ بني اسرائيل صبر ڪيو پر فِرعَون سرڪشي ڪئي، ان بدبخت خُدائي جي دَعويٰ ڪئي، ٻانهو هو، ٻانهو نہ بڻيو، خُدا بڻجڻ جي ڪوشش ڪيائين، ان جو غرور ظاهر ٿي دُنيا جي سامهون اچي ويو، ان جي اندر جو تڪبر گهٽو وڌي ويو. تڏهن الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي نبي بڻائي موڪليو.

حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام فِرعَون کي جيڪا حق جي دعوت ڏني، بنيادي طور تي ان دعوت جا بہ موضوع هئا: 1: فِرعَون جيڪا خُدائي جي دعويٰ ڪري ٿو، هُو پنهنجي هن دعويٰ کان توبہ ڪري، ٻانهو آهي، ٻانهو ٿي رهي، الله پاڪ وَحدَہٗ لَاشَرِيڪ جي بارگاهہ ۾ ڪنڌ جهڪائي ۽ الله پاڪ جي فرمانبرداري ۾

اڇي وجي ❷: فِرعَون بني اسرائيل کي ناحق پنهنجو غُلام بڻايو آهي، انهن کي غُلامي کان آزاد ڪري.

قرآنِ ڪريم ۾ آهي، جڏهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ‌السَّلَام فِرعَون کي فرمايو:

قَدْجِئْتُكُمْ بِبَيِّنَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَرْسِلْ مَعِيَ بَنِيْٓ اِسْرَآءِيْلَ ﴿۱۰۵﴾
(پاره9،سورة اَعراف:105)

ترجمو ڪنزالايمان: بيشڪ مان توهان سمورن وٽ توهان جي رب جي طرفان نشاني وٺي آيو آهيان پوءِ بني اسرائيل کي مون سان گڏ ڇڏي ڏي.

حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي هن دعوي تي دليل ڏنا، معجزا ڏيکاريا، فِرعَون کي، فِرعَون جي قوم کي سمجهايائون پر فِرعَون ضِدّي هو، ضِدّي ئي رهيو، سرڪش هيو، سرڪش ئي رهيو، ان جي مٿي تي طاقت جو، سَلطنت جو، تاج ۽ تخت جو نشو سُوار هو، ان بدبخت حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي نافرماني ڪئي، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي شان ۾ گستاخيون ڪيون، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي، بني اسرائيل کي تڪليفون پهچائڻ جي ناپاڪ ڪوشش ڪئي، مَعَاذَ الله! حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي شهيد ڪرڻ جا منصوبا جوڙيا. جڏهن فِرعَون تمام حدون پار ڪيون، پنهنجي ڪفر ۾ بلڪل ضدي ٿي ويو ۽ بني اسرائيل کي آزاد ڪرڻ لاءِ ڪنهن طرح تيار نه ٿيو ته الله پاڪ فِرعَون کي ان جي لشڪر سميت دريا ۾ غرق ڪري ڇڏيو ۽ هو هميشه هميشه جي لاءِ جهنّم جو ٻارڻ بڻجي ويو.[(1)] ائين حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي صدقي ۾ بني اسرائيل کي آزادي جي نعمت نصيب ٿي.

---

[1]...تفصيل جي لاءِ ڏسو: پاره:9، الاعراف، آيت:104تا137 خلاصةً.

## آزادي هڪ نعمت آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪفر جي غُلامي کان، ڪافِرن، ظالمن جي غُلامي کان آزادي ملڻ الله پاڪ جي تمام وڏي نعمت آهي. الله پاڪ سوره بقره ۾ بني اسرائيل جو ذِڪر فرمايو آهي، ان ۾ بني اسرائيل کي اسلام جي دعوت ڏني وئي، الله پاڪ بني اسرائيل کي جيڪي نعمتون عطا ڪيون، انهن کي شُمار ڪيو ويو. انهن مان پهرين نعمت الله پاڪ جيڪا بيان فرمائي آهي اها آزادي آهي.[1] الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اِذْ نَجَّیْنٰكُمْ مِّنْ اٰلِ فِرْعَوْنَ یَسُوْمُوْنَكُمْ سُوْٓءَ الْعَذَابِ یُذَبِّحُوْنَ اَبْنَآءَكُمْ وَ یَسْتَحْیُوْنَ نِسَآءَكُمْؕ وَ فِیْ ذٰلِكُمْ بَلَآءٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَظِیْمٌ(۴۹) وَ اِذْ فَرَقْنَا بِكُمُ الْبَحْرَ فَاَنْجَیْنٰكُمْ وَ اَغْرَقْنَاۤ اٰلَ فِرْعَوْنَ وَ اَنْتُمْ تَنْظُرُوْنَ(۵۰)

(پاره1،سورة البقرة:49تا50)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان اوهان کي فرعون جي ماڻهن کان ڇوٽڪارو ڏنو جو توهان تي نهايت برو عذاب ڪندا هئا، توهان جي پٽن کي ڪُهندا هئا ۽ توهان جي ڌيئرن کي جيئرو ڇڏيندا هئا ۽ ان ۾ توهان تي پالڻهار طرفان وڏي مصيبت هئي (يا وڏو انعام). ۽ (ياد ڪريو) جڏهن اسان توهان جي لاءِ درياءَ کي چيريو، پوءِ توهان کي بچايوسون ۽ اوهان جي اکين آڏو فرعون (۽ان) جي ماڻهن کي ٻوڙيوسون.

[1] ...تفسير ڪبير، پاره:1، البقرة، زيرآيت:49، جلد:1، صفحه:504، ماخُوذًا۔

## آزادي کان بعد بني اسرائيل جون حالتون

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ بني اسرائيل کي فرعون کان، فرعون جي ظلم و ستم کان آزادي عطا فرمائي، هاڻي انهن کي کپي ها ته اهي الله پاڪ جي ان نعمت جو شڪر ادا ڪن ها، الله پاڪ جي بارگاهه ۾ جهڪي وڃن ها، الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪن ها، الله پاڪ جا اَحڪام دل ۽ جان سان تسليم ڪن ها، پر بني اسرائيل ناشڪري ڪئي.

❖ جڏهن فِرعَون غرق ٿيو، بني اسرائيل ان کي غرق ٿيندي پاڻ ڏٺو هو، الله پاڪ دريا ۾ 12 رستا ٺاهيا هئا، دريا جو پاڻي دِيوارن جيان بيهي رهيو هو، وچ ۾ رستا ٺهجي ويا هئا، بني اسرائيل انهن رستن مان گذري آرام سان دريا پار ڪري رهيا هئا، فرعون به انهن جي پويان دريا ۾ داخِل ٿيو، هوڏانهن بني اسرائيل دريا جي ٻي ڪناري وٽان ٻاهر نڪتا، هوڏانهن دريا جو پاڻي پاڻ ۾ ملي ويو ۽ فرعون پنهنجي لشڪر سميت غرق ٿي ويو،[1] اهو عبرتناڪ منظر ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جو عظيمُ الشَّان معجزو بني اسرائيل پنهنجي اکين سان ڏٺو هو پر هتان کان ٿورو اڳتي وڌيا، ڏٺائون: هڪ قوم آهي جيڪا ڪوڙن خُدائن جي پوڄا ۾ مصروف آهي، شِرڪ ڪري رهي آهي، اهو ڏسي بني اسرائيل چوڻ لڳا:

| | |
|---|---|
| يٰمُوْسَى اجْعَلْ لَّنَاۤ اِلٰهًا كَمَا لَهُمْ اٰلِهَةٌ<br>(پاره9،سورةالاعراف:138) | ترجمو ڪنزالايمان: اي موسيٰ اسان کي به هڪڙو خدا ٺاهي ڏي جيئن انهن جي واسطي ايترا خدا آهن. |

الله اَڪبَر! هينئر هڪ ڪافِر جو اَنجام ڏسي اچي رهيا آهن ۽ جرئت ڏسو ته

---

[1] ...تفسير نعيمى، پاره:1، البقرة، زيرِ آيت:50، جلد:1، صفحه:378، خلاصةً۔

الله پاڪ جي نبي، حضرتِ موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کان شِرڪ جي اجازت گهري رهيا آهن.

❖ الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کي تورات شريف عطا فرمائڻ جي لاءِ طُور جبل تي گهرايو، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام 40 ڏينهن طُور جبل تي تشريف فرما رهيا، پوئتي بني اسرائيل ڀٽڪي ويا، سامري نالي هڪ جادُوگر انهن جي لاءِ ڏاتو جو هڪ گابو ٺاهيو، بني اسرائيل ان گابي کي ئي خُدا مڃي ورتو.[1]

❖ بني اسرائيل کي تَورات شريف عطا ڪئي وئي، تَورات شريف 4 وڏين آسماني ڪتابن مان سڀ کان پهريون آسماني ڪتاب آهي، بني اسرائيل ان تي عمل ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو، الله پاڪ طُور جبل کي پاڙان ڪٽي انهن جي مٿن تي لٽڪائي ڇڏيو ۽ فرمايو:

| | |
|---|---|
| خُذُوْا مَاۤ اٰتَيْنٰكُمْ بِقُوَّةٍ وَّ اذْكُرُوْا مَا فِيْهِ (پاره1،سورة البقرة:63) | ترجموڪنزلايمان: ۽ جيڪي ڪجهه اسان اوهان کي ڏيون ٿا، ان کي مضبوطيءَ سان وٺو ۽ ان جا مضمون ياد ڪريو. |

ان وقت هن ڊپ کان تہ ڪٿي طُور جبل اسان جي مٿان نہ ڪيرايو وڃي، انهن تَورات شريف تي عمل ڪرڻ جو وعدو ڪري ورتو پر پوءِ پنهنجي وعدي کان ڦري ويا.[2]

مطلب: آزادي جيڪا هڪ تمام وڏي نعمت هئي، بني اسرائيل کي ڪپي ها تہ ان جو شڪر ادا ڪن ها پر انهن نافرماني ڪئي، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي نافرماني ڪئي، الله پاڪ جي ڪتاب تورات شريف تي عمل ڪرڻ کان انڪار ڪيو، آخر انهن تي الله پاڪ جو غضب ٿيو ۽ انهن تي ذِلَّت مُسَلَّط

[1] …تفصيل جي لاءِ ڏسو: پاره:16، سورة طٰهٰ، آيت:77تا87۔

[2] …تفصيل جي لاءِ ڏسو: پاره:1، البقرة، آيت:63تا64۔

ڪئي وئي، اللہ پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ ضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَ الْمَسْكَنَةُ ۗ وَ بَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ (پاره1،سورة البقرة:61) | ترجموڪنزالايمان: ۽ انهن تي خواري ۽ سُڃائي(حرص جي ڪثرت) مقرر ڪئي وئي ۽ خدا جي ڏمر ۾ موٽيا. |

بني اسرائيل تي اها ذِلّت جو مُسَلّط ڪئي وئي، انهن تي اللہ پاڪ جو غضب جو ٿيو، ان جو سبب بہ اللہ پاڪ گڏوگڏ بيان فرمائي ڇڏيو، ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| ذٰلِكَ بِمَا عَصَوْا وَّ كَانُوْا يَعْتَدُوْنَ ﴿٦١﴾ (پاره1،سورة البقرة:61) | ترجموڪنزالايمان: انهن جي بي فرمانين ۽ حد کان لنگهڻ جو بدلو هو. |

جو کچھ ہیں وہ سب اپنے ہی ہاتھوں کے ہیں کرتوت
شکوہ ہے زمانے کا نہ قسمت سے گلہ ہے
دیکھے ہیں یہ دِن اپنی ہی غفلت کی بدولت
سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام بُرا ہے

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پاڪستان ۾ تحريڪِ آزادي جي مختصر تاريخ

پيارا اسلامي ڀائرو! ٻن ڏينهن کان بعد اسان جو بہ **”يومِ آزادي“** وارو ڏينهن اچڻ وارو آهي، اسان جو پيارو مُلڪ ”اسلامي جمهوريہ پاڪستان“ 14 آگسٽ، 1947ء تي آزاد ٿيو يعني اسان کي آزادي جي نعمت نصيب ٿيندي 74

سال ٿيڻ وارا آهن، هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ ناهي ته بني اسرائيل جي آزادي ۾ ۽ پاڪستان جي آزادي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي، بني اسرائيل کي فِرعَون کان آزاد ڪرائڻ وارا الله پاڪ جا نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام هئا ۽ پاڪستان جي آزادي جي لاءِ ڪوشش ڪرڻ وارا نبي نه هئا بلڪ نبين سڀني عَلَيهِمُ السَّلَام جا غُلام ۽ امامُ الانبياء محبوبِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي مڃڻ وارا هئا، ڪو به غيرِ نبي هر گز هرگز نبي جي برابر نٿو ٿي سگهي، ان جي لاءِ بني اسرائيل جي آزادي ۾ ۽ پاڪستان جي آزادي ۾ زمين آسمان جو فرق آهي پر بني اسرائيل جي آزادي ۾، آزادي کان بعد انهن جي ڪردار ۾ اسان جي لاءِ عِبرت ۽ نصيحت آهي، هن مان اسان کي خبر پوي ٿي ته آزادي ڇا آهي؟ آزادي ملڻ تي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ آزادي ملڻ کان پوءِ زِندگي جو انداز ڪيئن هئڻ گهرجي؟

ٿورو پاڪستان جي آزادي جي تاريخ تي نظر وجهو! 1857ء ۾ آزادي جي لاءِ پهرين اجتماعي ۽ مُنَظَّم ڪوشش ڪئي وئي، ان آزادي جي لاءِ سڀ کان پهريان جن آواز اٿاريو اهو تمام وڏو عاشقِ رسول، ماهر عالمِ دين حضرت عَلَّامہ فَضلِ حق خير آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هو، عَلَّامہ فضل حق خير آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪافِرن جي خِلاف هڪ فتويٰ لکي، بَرِّ صَغِير (ننڍي کنڊ) جي وڏن وڏن عالم سڳورن ان فتوي جي تصديق ۽ تائيد ڪئي، سيدي اعليٰ حضرت، امام اهلسنت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان وقت دُنيا ۾ اچي چڪا هئا، اعليٰ حضرت جي وِلادت 1856ء ۾ ٿي ۽ آزادي جي اها پهرين ڪوشش 1857ء ۾ ڪئي وئي، يعني ان وقت اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي عمر مبارڪ هڪ سال هئي، اعليٰ حضرت جي ڏاڏا سائين حضرت مولانا مفتي رضا علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ سندن والدِ محترم مولانا نقي علي خان رَحْمَةُاللهِعَلَيْه ان فتوي جي تائيد ڪئي.[1]

[1]...تخليقِ پاڪستان ميں علماءِ اہلسُنّت کا کردار، صفحہ:2۔

آزادي جي هن ڪوشش ۾ مسلمانن ڪي ناڪامي جو منهن ڏسڻو پيو، علّامہ فَضلِ حق خير آبادي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه کي سخت سزائون ڏنيون ويون، علّامہ ڪفايت علي ڪافِي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ۽ ٻين ڪوڙ عالم سڳورن کي مَعَاذَ اللّٰه! شهيد ڪيو ويو، هڪ اندازي جي مطابق اُن وقت اَهلسنت جا تقريباً 22 هزار عالم سڳورا شهيد ٿيا.[1]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اهي آزادي جي تحريڪ جون سڀ کان پهريون قربانيون هيون، ان وقت توڙي جو بظاهر ناڪامي ٿي پر هڪ مسلمان جنهن جي دِل ۾ ايمان مضبوط هجي، جنهن جو يقين پڪو هجي اهو ناڪامين کان گهبرائيندو ناهي، بلڪ مزيد اڳتي قدم وڌائيندو آهي، ڊاڪٽر اقبال وڏي خوبصورت ڳالھ چئي:

جھپٹنا، پلٹنا، پلٹ کر جھپٹنا لہو گرم رکھنے کا ہے اِک بہانہ

عُقاب (باز) جنهن کي پکين جو بادشاھ چيو ويندو آهي، اهو پنهنجي شڪار تي حملو ڪندو آهي، پوءِ واپس موٽي وري ٻيهر حملو ڪندو آهي، وري موٽي ايندو آهي، اقبال چوي ٿو: عُقاب جو هن طرح اچڻ موٽڻ اها ان جي ناڪامي ناهي بلڪ اها ان جي ورزش آهي جنهن سان عُقاب پنهنجي رت جي گردش (*Blood Circulation*) کي برابر رکي ٿو، مؤمن ٻانهي جو بہ اهو ئي مثال آهي، مؤمن پنهنجي مقصد ڏانهن وڌندو آهي، ناڪامي ٿيندي آهي، وري وڌندو آهي، ناڪامي ٿيندي آهي، وري وڌندو آهي، مؤمن هار ناهي مڃيندو، ڪوشش ڪندو رهندو آهي، ڪندو رهندو آهي، نيٺ ڪامياب ٿي ئي ويندو آهي.

1857ء ۾ توڙي جو مسلمانن کي ناڪامي ٿي پر مسلمان پوئتي نہ هٽيا، مسلمان آزادي جي ڪوشش جاري رکي، ڪافِرن جڏهن ڏٺو تہ مسلمانن جي

[1]...تحریکِ آزادی1857ءمیں علماکا مجاہدانہ کردار، صفحہ:22تا23و29ملتقطاً۔

اندر کان آزادي جو جذبو ڪنهن طرح گهٽ نہ پيو ٿئي، تڏهن انهن مسلمانن جي اَصل طاقت کي ٽوڙڻ جو، يعني مسلمانن جو ايمان ڪمزور ڪرڻ جو، مسلمانن جي اندر کان عشق رسول جو جذبو ڪمزور ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو، ان جي لاءِ ڪافِرن پنهنجا پڙهيل لکيل ماڻهو عوام ۾ لاٿا، اهي ماڻهو اسلام جي تعليمات تي اعتراض ڪرڻ لڳا، قرآنِ ڪريم تي، پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پاڪيزه سيرت تي اعتراض ٿيڻ لڳا، هيئن عوام جي ذِهنن ۾ شڪ ۽ شبها پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ٿيڻ لڳي.[1]

انهيء دوران تحريڪِ خِلافت هلي، تحريڪ ترڪِ موَالات(اتحاد ختم ڪرڻ) هلي، تحريڪ هجرت هلي، انهن تحريڪن جي ذريعي مسلمانن کي ورغلايو ويو، ڪوڙ سارا مسلمان هن سازش جو شڪار ٿي ويا، ڪجهہ ليڊر بہ ڪافِرن جي ان ڄار ۾ ڦاسي پيا، قائِدِ اعظم محمد علي جناح ۽ ڊاڪٽر محمد اقبال انهن تحريڪن کي مسلمانن جي لاءِ سخت نقصان دِه سمجهي رهيا هئا، جڏهن تحريڪ ترڪ موالات هلي، ڪانگريس پڻ ان ۾ حِصو ورتو، ان وقت قائِدِ اعظم ڪانگريس کان پنهنجو تعلق ختم ڪري ورتو پر ان وقت سخت فتنا هئا، فتنن جون ڄڻ آنڌيون هلي رهيون هيون، ڪافِر مسلمانن کي آزادي جو لالچ ڏئي اُنهن جي دِين کان، اُنهن جي مذهب کان، اُنهن جي اِيمان کان پري ڪري رهيا هئا، روڊ رستن تي جلوس ڪڍي رهيا هئا، ڪوڙ سارا مسلمان سڏائڻ وارا، بظاهر ڪلمو پڙهڻ وارا ڪافِرن کي پنهنجو پيشوا مڃي رهيا هئا، ڪافِرن کي منبر تي ويهاريو پئي ويو، مسجدن ۾ ڪافِرن جي حق ۾ نعرا لڳايا پئي ويا، جيڪڏهن ان وقت ڪافِرن جي اها سازش ڪامياب ٿي وڃي ها تہ مسلمانن کي آزادي تہ ڇا ملي ها، ٻيٺو پنهنجي دِين ۽ اِيمان کان بہ هٿ ڌوئي ويهن ها، ان ڪري آزادي جي تاريخ ۾ اهو سخت مشڪل وقت هو، ان

---

[1]...تحريکِ پاکستان ميں علماءِ کرام کا کردار، صفحہ:58بتغيرقليل۔

مشڪل وقت ۾ هڪ شخصيت ميدان ۾ هئي ۽ اها هئي: اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه. تحريڪِ خِلافت هلي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه”دَوَامُ العَيش“ نالي رسالو لکي مسلمانن جي رهنمائي فرمائي، تحريڪ ترڪ موالات هلائي وئي تہ اعليٰ حضرت رسالو لکيو: ٺَابِغُ النُّور. ان ۾ ڪافِرن جي وڇايل ڄار کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، تحريڪ هجرت هلائي وئي تہ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه رسالو لکيو: اِعلَامُ الأعلام. هن رسالي ڪافِرن جي سازش کي چڱي طرح ظاهر ڪري ڇڏيو، اهي ٽئي رسالا اڄ بہ فتاويٰ رضويہ شريف جي جلد: 14 ۾ موجود آهن.

جيڪي ڪافِر قرآن ۽ سُنَّت تي اعتراض ڪري مسلمانن جو ايمان ڪمزور ڪرڻ جي سازش ڪري رهيا هئا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن کي بهترين جواب ڏنا، ڪافِرن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي بي عيب ذات ۾ مَعَاذَ الله! عيب ڪڍڻ جي ناپاڪ جسارت ڪئي، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن کي منهن ٽوڙ جواب ڏئي ناموسِ رسول تي، پنهنجي آقا ۽ موليٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي عزّت تي پهرو ڏنائون. ڪافِرن مسلمانن جي معيشت تي حملو ڪيو، اعليٰ حضرت ان جو رَدّ ڪيو، ڪافِرن مسلمانن جي تعليمي ادارا، اسڪول، ڪاليج وغيره بند ڪرايا ۽ اهي بہ پاڻ بند نہ ڪيائون بلڪ قرآنِ ڪريم بابت غلط تفسير ڪيا ويا، قرآني آيتن جي معنيٰ بدلي مسلمانن کي پڙهايا ويا، مسلمانن جو ذهن ٺاهيو تہ قرآنِ ڪريم هن وقت توهان کي توهان جا تعليمي ادارا بند ڪرڻ جو، توهان جي ڪاروبار بند ڪرڻ جو حڪم ڏئي ٿو، ان ڪري توهان هن تي عمل ڪيو. ان وقت سڀ ننڍي ڪنڊ ۾ مسلمانن جا ڪجهہ ئي اسڪول ۽ ڪاليج هئا، انهن کي بہ بند ڪيو پئي ويو تہ ڊاڪٽر اقبال ان جي شديد مخالفت ڪئي ۽ لاهور جي اسلاميہ ڪاليج جي هڪ استاد جي ذريعي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان هن باري ۾ فتويٰ پڇي وئي، اعليٰ

حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه قرآن ۽ سُنَّت جي روشني ۾ جواب ڏئي ڪافِرن جي سازش کي ناڪام بڻايو.[1]

هڪ پاسي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عِلم جا دريا وهائي مسلمانن جو اِيمان بچائي رهيا هئا ۽ ٻي پاسي پنهنجي محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون نعتون لکي، شاعِري جي صُورت ۾ شانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيان ڪري مسلمانن جي دِل ۾ عشقِ رسول کي گرمائي رهيا هئا. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا خليفا، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا مُرِيد، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا چاهيندڙ ٻيا علماءِ اَهلسنت اعليٰ حضرت جي تعليمات کي بَرّصغير جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلائي رهيا هئا. خطيب حضرات منبرن تي، محفلن ۾ ان تعليمات کي عام ڪري رهيا هئا. نعت خوان حضرات اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جون لکيل نعتون پڙهي مسلمانن جي عشقِ رسول کي گرمائي رهيا هئا.

## ٻه قومي نظريو ۽ ان جي وضاحت

ڊسمبر 1928 ۾ ڊاڪٽر اقبال هڪ ڪانفرس دوران ٻه قومي نظريو بيان ڪيو،[2] پوءِ 1930 ۾ اِلٰه آباد جي ڪانفرس ۾ باقاعده طور تي عوام اڳيان ڊاڪٽر اقبال ٻه قومي نظريي جو اعلان ڪيو.

اهو ٻه قومي نظريو ڊاڪٽر اقبال جي پنهنجي سوچ ۽ فِڪر نه هئي، اَصل ۾ ٻه قومي نظريو قرآن ۽ حديث جي تعليم آهي، اٺاويهين سيپاري ۾ سورت آهي: سوره مُمتَحِنَہ. هن سُورت سڳوري کي پڙهو، سمجهو، ٻه قومي نظريو جيڪو پيش ڪيو ويو، ان جي ڀرپُور وضاحت سوره مُمتَحِنَہ ۾ موجود آهي. تحريڪ آزادي جي عرصي ۾ سڀ کان پهريان سيدي اعليٰ حضرت امامِ

---

[1]...تحريکِ پاکستان ميں علماء کرام کا کردار، صفحہ:106۔

[2]...تحريکِ پاکستان ميں علماءِ کرام کا کردار، صفحہ:203۔

اهلسنت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه ٻه قومي نظريو پيش ڪيو، 1897 ۾ يعني ڊاڪٽر اقبال جي ٻه قومي نظريو پيش ڪرڻ کان 29 سال پهريان پٽنہ ۾ هڪ ڪانفرس تي جنهن ۾ اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه باقاعده ٻه قومي نظريو بيان فرمايو، فتاويٰ رضويہ، جلد: 14 ۾ سيدي اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو هڪ رسالو آهي: اَلمَحجَةُ المُؤتَمِنَہ، اهو رسالو اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه 1920 ۾ لکيو، ان ۾ سوره مُمتَحِنَہ جي ڪجھ آيتن جو تفسير آهي ۽ اُن جي روشني ۾ ٻه قومي نظريي جي ڀرپُور وضاحت ڪئي وئي آهي.[1]

اَصل ۾ 1857 ۾ جڏهن تحريڪ آزادي شروع ٿي، ان وقت کان وني ڊاڪٽر اقبال جو ٻه قومي نظريو بيان ڪرڻ تائين مسلمان سڄي بَرّ صغير جي آزادي جو مطالبو ڪري رهيا هئا، ڊاڪٽر اقبال ٻه قومي نظريي ۾ اَصل اها وضاحت ڪئي تہ هاڻي مسلمان سڄي بَرّ صغير جي آزادي جي بدران پنهنجي لاءِ عليحده وَطن جو مطالبو ڪن، يعني ڊاڪٽر اقبال مُطالبو تبديل ڪيو، پهريان ٻه قومي نظريو جي بنياد تي سڄي بَرّ صغير جي آزادي جو مطالبو هو، هاڻي انهيءَ ٻه قومي نظريي جي بنياد تي عليحده وَطن جو مُطالبو شروع ٿيو يا ايئن چئجي تہ پهريان هئي: آزادي جي تحريڪ. هاڻي صِرف تحريڪ آزادي نہ بلڪ تحريڪ پاڪستان بہ بڻجي وئي.

بَس هاڻي ڇا ٿيو: مسلمانن جي دِل ۾ پنهنجي جدا وَطن جي خواهش اُڀري ۽ ڏسندي ئي ڏسندي سڄي بَرّصغير ۾ ڦهلجي وئي، ڇا ٻار، ڇا جوان، ڇا پوڙها هر هڪ جي زبان تي بَس هڪ ئي نعرو هو: وني رهنداسين پاڪستان، بڻجي رهندو پاڪستان.

پاڪستان جو مطلب ڇا: لَا اِلٰہ اِلَّا الله. ڪير اسان جو رهنما: مُحَمَّدٌ رَّسُولُ الله.

[1]...تحريکِ پاکستان ميں علماءِ کرام کا کردار، صفحہ:202و210 ـ

## تحريڪ پاڪستان ۾ علماءِ اهلسنت

ان وقت تائين اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه دُنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪا هئا، البت اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ تنظيم ناهي هئي. اها تنظيم اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي هونهار شاگردن، ماهر عُلَماءِ اهلسنت تي مشتمل هئي، هن تنظيم تحريڪ پاڪستان ۾ ڀرپُور حصو ورتو.[1] *.. صَدرُ الاَفَاضِل مولانا نعيم الدين مراد آبادي *..مفتي احمد يار خان نعيمي *..خليفہ اعليٰ حضرت مولانا عبد العليم ميرٺي *..مولانا شاهہ احمد نوراني، سندن والِد، سندن چاچو وغيره *..مولانا ديدار علي شاهہ *..محدثِ اعظم هند محدث ڪڇوڇوي *..مُحَدّث علي پُوري *..اَبُو الحَسَنات سيد احمد قادري *..عَلّامہ عبد الغفور هزاروي *..عَلّامہ عبد الستار خان نيازي *..خواجہ قمر الدين سيالوي *..پير جماعت علي شاهہ *..عَلّامہ سيد احمد سعيد ڪاظمي *..پير صاحب مانڪي شريف، *..پير صاحب زڪوڙي شريف رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم اَجْمَعِين ۽ ان جي علاوه سوين عُلما و مَشَائِخ اهلسنت تحريڪ پاڪستان ۾ خوب حِصو ورتو، بَرّصغير جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ تقريرون ٿيڻ لڳيون، نظمون پڙهيون ويون، مسلمانن جي دِلين ۾ پاڪستان جي محبت وڌي وئي بلڪ عُلَماءِ اهلسنت جي باري ۾ تہ ڪتابن ۾ اهو تائين پڻ لکيو ويو آهي تہ 1946 ۾ جڏهن تحريڪ پاڪستان پنهنجي آخري مرحِلي تي هئي، ان وقت عالم سڳورن گهر گهر وڃي بہ دعوتون ڏنيون ۽ مسلمانن ۾ تحريڪ پاڪستان جي، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي محبت بيدار ڪئي.[2] خليفہ اعليٰ حضرت مولانا عبد العليم ميرٺي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه قائدِ اعظم محمد علي جناح جا باقاعِده ساٿي هئا، قائدِ اعظم انهن کي ٻاهرين ملڪن ۾ سَفِير بڻائي موڪليو، عبد العليم ميرٺي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ٻين ملڪن ۾ وڃي پاڪستان جو نظريو ۽ تحريڪ

---

[1] ...تحريکِ پاکستان ميں علماءِ کرام کا کردار، صفحہ:202۔

[2] ...تحريکِ پاکستان ميں علماءِ کرام کا کردار، صفحہ:211تا212 ۔

پاڪستان جا اُصُول ۽ مقاصِد بيان ڪيا، ان وقت قائِدِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علّامہ عبد العليم ميرٺي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي سَفِير اِسلام جو خطاب ڏنو.[1] منقول آهي تہ پاڪستان بڻجڻ کان پهريان جيڪو حَج ٿيو، ان حج جي موقعي تي هند کان ويندڙ مسلمانن مديني پاڪ حاضِر ٿي، امير اهلسنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي پِير صاحِب، قُطبِ مدينہ مولانا ضياءُ الدّين مدني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خِدمت ۾ دُعا جي لاءِ عرض ڪيو، پاڻ دُعا جي درخواست ڪرڻ وارن کي ساڻ ڪري روضي پاڪ تي بارگاهہ رسالت ۾ حاضِر ٿيا، خُوب دِل جمعي سان دُعا ڪئي ۽ فرمايائون: پريشان نہ ٿيو، اِن شَآءَ الله الڪريم پاڪستان ضرور ٺهندو. ڪا دشمن طاقت پاڪستان ٺهڻ کان روڪي نٿي سگهي. (تحريکِ پاڪستان ميں عُلَما کا کردار، صفحہ:237)

نيڪ بزرگن جون دعائون قبول ٿيون، عُلَما و مَشَائِخ اهلسنت، عوام ۽ مسلم ليڊرن خاص ڪري قائِدِ اعظم محمد علي جناح جي ڪوشش رنگ لاتو ۽ 14 آگسٽ، 1947 تي رمضان المبارڪ جي ستاويهين رات هئي، مسلمان شبِ قَدَر ملهائي رهيا هئا، مسجدن ۾ عبادت ٿي رهي هئي تہ رات 12 بجي اعلان ٿي ويو: الحمد لله! مسلمانن جو عليحده اسلامي ملڪ اسلامي جمهوريہ پاڪستان مَعرِضِ وُجُود ۾ اچي چڪو آهي. پاڪستان بڻجڻ کان 3 ڏينهن بعد عيد جي نماز ادا ڪئي وئي، قائِدِ اعظم محمد علي جناح ڪراچي ۾ سرڪاري سطح تي عيد جي نماز ادا ڪئي ۽ ان نماز جي امامت ڪري رهيا هئا: خليفہ اعليٰ حضرت علّامہ عبد العليم ميرٺي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه.[2]

کبريا کا لطف تھا اور رحمتِ شاہِ زَمَن ہم کو سینتالیس میں حاصل ہوا اپنا وَطن

ہم پہ جِدّ و جُہدِ آزادی میں تھے سایہ فگن اَولیائے اُمَّتِ اَحمد، صحابہ، پنج تَن

[1]… تخليقِ پاکستان ميں علماءِ اہلسُنّت کا کردار ، صفحہ:11 ـ

[2]… تخليقِ پاکستان ميں علماءِ اہلسُنّت کا کردار ، صفحہ:12 ـ

اہلسنت و الجماعت کی مقاصد سے لگن رنگ کیسے لے نہ آتی، کیوں نے مل جاتا وطن
سینکڑوں پیروں، ہزاروں عالموں کی دوڑ دھوپ تھی نتیجہ خیر، ہم نے لے لیا اپنا وطن

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آزادي کان بعد اسان جو حال

**اي عاشقانِ رسول!** هي آهي اسان جي مُلڪ جي آزادي جو مختصر داستان. اسان کي آزادي جي نعمت حاصِل ٿيندي 74 سال ٿيڻ وارا آهن، هاڻي اسان بني اسرائيل سان پنهنجي پيٽ ڪيون ٿا *بني اسرائيل کي فِرعَون کان آزادي ملي، اسان کي ڪافِر حڪومتن کان آزادي نصيب ٿي *بني اسرائيل جا نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام آهن، اسان جا نبي اَحمد مجتبيٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم آهن * بني اسرائيل کي ڪتاب مليو: تورات شريف. اسان وٽ الله پاڪ جو ڪتاب قرآنِ ڪريم آهي.

بني اسرائيل حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي نافرماني ڪئي، تورات جي اَحڪامن تي عمل نہ ڪيو، الله پاڪ جا نافرمان ٿيا، آزادي جي نعمت جو شڪر ادا نہ ڪيو، انجام ڇا ٿيو؟

| | |
|---|---|
| وَضُرِبَتْ عَلَيْهِمُ الذِّلَّةُ وَالْمَسْكَنَةُ ۗ وَ بَآءُوْ بِغَضَبٍ مِّنَ اللّٰهِ ؕ (پاره1،سورۃالبقرۃ:61) | ترجموڪنزالايمان: ۽ انهن تي خواري ۽ سُجائي(حرص جي ڪثرت) مقرر ڪئي وئي ۽ خدا جي ڏمر ۾ موٽيا. |

هاڻي هر ڪو پنهنجي باري ۾ غور ڪري! اسان قرآنِ ڪريم تي ڪيترو عمل ڪيون ٿا؟ اسان پنهنجي آقا ۽ موليٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّم جا ڪيترا فرمانبردار آهيون؟ اسان نمازون ڪيتريون پڙهون ٿا؟ اسان ڪيترا

روزا رکون ٿا، حج جو جذبو اسان ۾ ڪيترو آهي، زڪوٰة جي ادائيگي ۾ ڇا صورتحال آهي؟ ڪوڙ، غيبت، چغلي، وعده خلافي، حسد، تڪبر، خودپسندي، فلمون ڊراما، ڳائڻ وڄائڻ، بي پردگي، بي حيائي، فيشن پرستي، بي ايماني، ٻه نمبري، بدڪاري، شراب، وياج، رشوت، حرام ڪمائي، ڄهيڙو ڄهتو، گار گند، قتل و غارت گري اهي سيئي ڪم جن کان قرآن ۽ حديث ۾ منع ڪيو ويو، اسان انهن کان ڪيترو بچون ٿا. والدين جي عزت، پاڙيسرين جا حق، دوستن جا حق، رشتيدار جا حق، پاڙي وارن جا حق، مسلمان جي خير خواهي، غريبن سان محبت، وڏن سان محبت، ننڍن تي شفقت اهي تمام ڪم ڪرڻ جو اسان کي حڪم ڏنو ويو آهي، اسان اُنهن تي ڪيترو عمل ڪيون ٿا.

افسوس! سنجيدگي سان اسان پنهنجو مُحَاسَبو ڪيون ته خبر پوندي ته بني اسرائيل جيان اسان جي حالت به سخت افسوسناڪ آهي بلڪ انتهائي افسوس جي ڳالهه اها آهي ته آزادي جي نعمت جنهن جو اسان کي شڪر ادا ڪرڻو هو، اسان ان آزادي جو مفهوم ئي بدلي ڇڏيو آهي، اڄ بلڪل ڇڙواڳ ٿيڻ کي آزادي چيو پيو وڃي، سيڪولئر اِزم (Secularism) کي، لبرل اِزم (Liberalism) کي آزادي چيو پيو وڃي.

## آزادي ڇا کي چئبو آهي؟

ڇا اوهان کي خبر آهي: آزادي اَصل ۾ ڇا کي چئبو آهي؟ آزادي، ***Freedom***، ***Independence*** اها اَصل ۾ سوشيالوجي ***(Sociology)*** جي هڪ اِصطلاح آهي.

سوشيالوجي ۾ آزادي جون ٻه قسمون آهن:

❶: ***Political Freedom***(سياسي آزادي): جڏهن هڪ قوم ڪنهن ٻي قوم جي حڪمراني هيٺ هوندي آهي، اها قوم پنهنجي مرضي سان زِندگي نٿي گذاري سگهي، ان کي ٻئي حاڪم قوم جي مرضي سان جيئڻو پوي ٿو، حاڪمِ قوم جي ناهيل اُصولن مطابق زِندگي گذارڻي پوي ٿي، جيڪڏهن ان قوم کي قوم

جي حاڪم ڪان سياسي ۽ حڪومتي طَور تي آزادي مِلي وڃي، ان جي پنهنجي حڪومت ٿي وڃي تہ ان کي *Political Freedom* (سياسي آزادي) چيو ويندو آهي.

❷: *Personal Freedom* (شخصي آزادي): جيئن اڳوڻي دَور ۾ غُلام باقاعده خريد ڪيا ويندا هئا، ان غلامي ڪان آزادي کي *Personal Freedom* (شخصي آزادي) چيو ويندو آهي.

اسان کي جيڪا آزادي جي نعمت حاصِل ٿي اها *Poletical Freedom* سياسي يا حڪومتي آزادي آهي، جيئن بني اسرائيل اِيمان وارا هئا، فِرعون جي زيرِ حڪومت رهي رهيا هئا، اهڙي طرح مغليہ سلطنت جي زوال ڪان بعد بَرّ صغير تي ڪافِرن جي حڪومت آئي ۽ مسلمان ان ڪافِرن جي حڪومت جي تحت اچي ويا، هاڻي مسلمانن کي ڪافِرن جي ٺاهيل قانونن مطابق زِندگي گذارڻي پوندي هئي، ظاهر آهي ڪافِر جيڪو قانون بڻائيندو اهي قرآن ۽ سُنّت جي مطابق تہ نہ هوندا، ان ڪري مسلمانن کي قرآنِ ڪريم تي، سُنتن تي، پنهنجي دِين جي تعليمات تي آزادي سان عمل ڪرڻ ۾ دُشواريون هيون، ڪافِر حڪومت جڏهن چاهيندي هئي، جنهن دِيني مسئلي ۾ چاهيندي هئي رُڪاوٽ وجهندي هئي، اَصل جيڪا آزادي اسان کي حاصِل ٿي اها هيءَ آهي تہ اسان کي ظاهر ظهور پنهنجي دِين تي عمل ڪرڻ ۾ ڪا رُڪاوٽ نہ ٿئي، قانون بہ مسلمانن جو هجي، قانون ساز بہ مسلمان هجن ۽ قانون تي عمل ڪرڻ وارا بہ مسلمان هجن. بہ قومي نظريو جيڪو پاڪستان جي اَصل بنياد آهي، ان جو مطلب بہ اهو ئي آهي تہ مسلمان هڪ جدا قوم آهن، ڪافِر هڪ الڳ قوم آهن، تنهنڪري مسلمانن جو وَطن بہ عليحده هجي جتي هي آزادي سان پنهنجي مذهب مطابق، پنهنجي تهذيب مطابق، پنهنجي ثقافت مطابق يعني قرآن ۽ سُنّت جي تعليم مطابق زِندگي گذاري سگهن.

هڪ ڀيري قائدِ اعظم محمد علي جناح لاهور ۾ تقرير ڪندي چيو:

***Our God is Separate. Our Rasool is Separate***

اسان جو خُدا الڳ، اسان جو رسول الڳ (يعني اسان هڪ خُدا کي مڃڻ وارا غُلامانِ مصطفيٰ آهيون)

***Our Religion is Separate. Our Culture is Separate***

اسان جو دِين جُدا، اسان جي ثقافت، زِندگي گذارڻ جو طريقو جدا آهي.

***Therefore we want a separate state. in which we can live Islamic life.***[1]

ان ڪري اسان پنهنجو عليحده ملڪ چاهيون ٿا، جتي اسان پنهنجي دِين مطابق اسلامي زندگي گذاري سگهون.

هي آهي آزادي، هڪ ڀرپُور اسلامي زِندگي گذارڻ جي آزادي. هن آزادي جي لاءِ تقريباً 100 سال مسلمانن جِدّوجهد ڪئي، ان آزادي جي لاءِ ئي 1857 ۾ 22 هزار عالم سڳورا شهيد ٿيا.

ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي ته جيڪا آزادي اسان کي الله پاڪ عطا فرمائي، جنهن آزادي جي لاءِ پاڪستان ٺهيو هو، اهو اَصل ۾ غُلاميءِ مصطفيٰ جو نالو آهي. جڏهن بَرّ صغير ۾ مسلمانن تي ڪافِر حڪومت ڪري رهيا هئا، ان وقت اسان آزادي سان غُلاميءِ مصطفيٰ جو اِظهار نه ڪري سگهندا هئاسين، الله پاڪ اسان کي جدا آزاد ملڪ عطا فرمايو ته جيئن اسان پُوري آزادي سان غلاميءِ مصطفيٰ جو اِظهار ڪري سگهون، اسان کي نمازون پڙهڻ ۾ رُڪاوٽ نه ٿئي، روزا رکڻ ۾ رڪاوٽ نه ٿئي، حج تي وڃڻ ۾ رڪاوٽ نه ٿئي، قرباني ڪرڻ ۾ رڪاوٽ نه ٿئي، اِسلام جي ديگر تعليمات تي عمل ڪرڻ ۾ اسان تي ڪا رُڪاوٽ نه ٿئي، اسان آزادي سان قرآنِ ڪريم جي

[1]...تحريکِ پاڪستان ميں علماءِ کرام کا کردار، صفحہ:192 ـ

مُطَابق، حديثِ رسول جي مطابق، پنهنجي بزرگن جي سيرت مان رهنمائي وٺندي ”غلاميءِ مصطفيٰ“ جو پرپُور اِظهار ڪري سگهون. **هن آزادي جي لاءِ اسان پاڪستان حاصِل ڪيو هو.**

## اِقبال جي نظر ۾ آزادي جو مطلب

جڏهن ڊاڪٽر اقبال ٻہ قومي نظريو پيش ڪيو، ان تي ڪافِرن ۽ بعض نام نهاد مسلمانن گهڻو هُل هنگامو ڪيو، جنهن تي ٻنهي طرفان باقاعده تحريري ۽ تقريري بحث بہ ٿيندو رهيو، ان وقت ڊاڪٽر اقبال هڪ رُباعي لکي[1] ان جي آخري شعر ۾ ڊاڪٽر اقبال چيو:

بمصطفیٰ برساں خویش را کہ دِیں ہمہ اُوست　　اگر بہ اُو نہ رسیدی تمام بُولَہبی است[2]

**وضاحت**: يعني پاڻ کي ڇڪي پنهنجي آقا، محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي قدمن ۾ ڪيرائي ڇڏيو، اها ئي غُلامي اَصل دين آهي، جيڪڏهن اها غُلامي نہ ڪري سگهو تہ اها دِين داري ناهي، بلڪ اَبُولهب ڪافِر جي پيروي آهي.

اها آهي آزادي. پاڻ کي ڇڪي مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ هدايت صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي قدمن ۾ ڪيرائڻ، پنهنجي مرضي، پنهنجي خواهش، پنهنجي تمنا سڀ ڪجهہ فنا ڪري سچي دل سان ”غلاميءِ مصطفيٰ“ اختيار ڪرڻ، اها اَصل آزادي آهي، انهيءَ آزادي جي بنياد تي پاڪستان ناهيو ويو پر ڇا اسان اها غُلامي ڪري رهيا آهيون؟ افسوس! 74 سال گذري ويا، اسان اها غُلامي نہ ڪئي، اُلٽو اسان آزادي جو مفهوم ئي بدلي ڇڏيو، اسان ڇڙواڳي کي آزادي سمجهي ورتو، اسان بي لگام ٿيڻ کي آزادي سمجهي ورتو، عرياني جو، فحاشي جو، فيشن پرستي جو نالو آزادي رکي ڇڏيو. اها هر گز آزادي نہ آهي،

---

[1]…تحریکِ پاکستان میں علماءِ کرام کا کردار، صفحہ:204خلاصۃً۔

[2]…کلیاتِ اقبال، ارمغانِ حجاز، حسین احمد، صفحہ:754۔

اهو تہ اُلٽو نفس ۽ شيطان جي غُلامي آهي. شيطان سڀ کان وڏو ڪافِر آهي، ڪافِرن جي حڪومت کان آزادي ملي، پر پاڻ کي سڀ کان وڏي ڪافِر يعني شيطان جي غُلامي جي حوالي ڪري ڇڏيو ۽ هن غُلامي جو نالو آزادي رکي ڇڏيو، ڇا اها آزادي آهي؟ نہ اها اَصل ۾ غُلامي آهي.

هيءَ ڳالھ هميشہ جي لاءِ ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو، آزادي صِرف ۽ صِرف الله پاڪ جي بندگي سان ۽ اِطاعتِ مصطفيٰ سان ملي ٿي. ان جي بغير دُنيا ۾ ڪٿي آزادي نہ ملندي، جيڪو دُنيا جي پويان ڀڄندو آهي، اهو دُنيا جو غُلام. جيڪو مال جي پويان ڀڄندو آهي، اهو مال جو غُلام. جيڪو حُسن جو شيدائي آهي، اهو حُسن جو غُلام. جيڪو مقام ۽ مرتبي جي پويان، منصب ۽ عهدي جي پويان ڀڄندو آهي، اهو منصب جو، عهدي ۽ مقام ۽ مرتبي جو غُلام آهي. ۽ جيڪو سڀ ڪجھ ڇڏي صِرف الله پاڪ جي بندگي، اُن جي پياري رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي فرمانبرداري ڪري ٿو اهو هر جهنجٽ کان آزاد ٿي ويندو آهي. ڊاڪٽر اِقبال چيو آهي:

دَرْ اِطَاعت کَوْش اَے غَفْلَت شِعَار مِیْ شَوَد اَز جَبْر پَیْدا اِخْتِیَار [1]

اي غافِل! اطاعت ۾ خوب ڪوشش ڪر جو نفس کي قابُو ڪرڻ کان ئي آزادي ملندي آهي.

حضرت حبيب راعِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تابعي بزرگ آهن، حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللهُ عَنْه جي صحبت ۾ رهيا، حضرت حبيب راعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻڪريون پاليون هيون، انهن کي ڪاهي درياءِ فرات جي ڪناري تشريف وٺي ويندا هئا، اتي الله پاڪ جي عبادت ڪندا هئا. داتا گنج بخش رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪتاب"ڪشف الْمَحْجُوب" ۾ لکن ٿا: هڪ ڏينهن هڪ شخص درياءِ فرات جي ويجهو کان لنگهيو، ان ڏٺو تہ حضرت حبيب راعِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نماز پڙهي رهيا آهن ۽ بگھڙ ٻڪرين جي رکوالي ڪري رهيو

[1] ...ڪلياتِ اقبال فارسی، اسرارِ خودی، مرحلہ اول:درطاعت، صفحہ:57۔

آهي، اهو ڏسي گهڻو تعجب ٿيو، اهو شخص حضرت حبيب راعِي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه سان ملاقات جي لاءِ ويهي رهيو، جڏهن پاڻ نماز مکمل فرمائي ته سلام عرض ڪيائين، پاڻ رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه سلام جو جواب ڏنو، ان شخص عرض ڪيو: سائين! اوهان جي ٻڪرين سان ٻگهڙ ڪي اهڙو لڳاءُ آهي جو اهو انهن جي حفاظت ڪري رهيو هو؟ فرمايائون: ان جو سبب اهو آهي ته ٻڪرين جو مالِڪ الله پاڪ سان محبت ڪري ٿو (يعني مان الله پاڪ سان محبت ڪيان ٿو، ان ڪري مون سان، منهنجي شين سان جانور به محبت ڪن ٿا). پوءِ حضرت حبيب راعِي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه ڪاٺي جو هڪ پيالو پٿر هيٺ رکيو، يڪدم ان پٿر مان کير ۽ ماکي جا به چشما جاري ٿيا، پاڻ رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه کير ۽ ماکي سان ڀريل پيالو ان شخص کي ڏنو، اهو ڏسي اهو شخص حيران ٿي ويو ۽ چيائين: عالي جاه! اوهان اهو رُتبو ڪيئن حاصِل ڪيو آهي. فرمايائون: سيدِ عالَم، نُورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اِطاعت ۽ فرمانبرداري جي ذريعي.[1]

کی مُحمّد سے وفا تُو نے تو ہم تیرے ہیں   یہ جہاں چیز ہے کیا؟ لوح و قلم تیرے ہیں

سُبحٰنَ الله! اها آهي آزادي. ڇا دُنيا ۾ ڪٿي اهڙي آزادي آهي جو ٻگهڙ ٻڪرين جي رکوالي ڪندا هجن؟ ها! اها ڳالهه دُرست آهي ته اها حضرت حبيبِ راعِي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه جي ڪرامت هئي ۽ ڪرامت الله پاڪ جي عطا آهي، ڪو به پنهنجي محنت سان وَلِي نٿو بڻجي سگهي پر هتي سمجهڻ جو نڪتو اهو آهي ته حضرت حبيب راعِي رَحۡمَةُ اللہِ عَلَيۡه جو اهو فرمان آهي: مون اهو رُتبو اِطاعتِ مصطفيٰ جي ذريعي حاصِل ڪيو آهي. معلوم ٿيو: اَصل ۾ آزادي غُلاميءِ رسول ئي سان ملي ٿي. ڪلياتِ اقبال ۾ آهي:

صنوبر باغ میں آزاد بھی ہے، پا بہ گِل بھی ہے   انہی پابندیوں میں حاصل آزادی کو تُو کر لے (1)

---

1...كَشْفُ الْمَحْجُوْب، طبقہ:تبع تابعین، حبیب بن اسلم راعی، صفحہ:140، ماخوذاً۔

”صَنَوبَر“ هڪ وڻ آهي، عام طور تي ڪشمير جي علائقي ۾ ٿيندو آهي، اهو گهڻو ڊگهو هوندو آهي، اقبال ان جو مثال ڏنو آهي تہ صَنوبر آسمان ڏانهن وڃڻ يعني ڊگهو ٿيڻ ۾ آزاد آهي، جيترو چاهي ڊگهو ٿي وڃي پر ”پَابَہ گِل بہ آهي“ يعني ان جون جڙون زمين ۾ قيد آهن، جيڪڏهن صنوبر جي جڙن کي زمين جي قيد مان آزاد ڪيو وڃي تہ ان جي ڊگهي ٿيڻ جي آزادي ختم ٿي ويندي، اهو ڪِري پوندو. توهان بہ انهن پابندين کان آزادي حاصِل ڪيو، چند تي وڃڻو آهي، وجو، ترقي ڪرڻي آهي، ڪيو، پر قرآنِ ڪريم جي، اِطّاعتِ رسول جي زنجير ڳچي ۾ وجهي ڇڏيو، پوءِ جيترو مرضي اڏامندا رهو، ڪِرڻ جو خطرو نہ رهندو.

**اي عاشقانِ رسول!** هي آهي اها آزادي جنهن کي خُود مُصَوِّرِ پاڪستان ڊاڪٽر اقبال بيان ڪيو آهي. پنهنجي پاڻ کان پڇو! ڇا اسان کي اها آزادي حاصِل آهي؟ ڇا اسان واقعي صحيح معني ۾ **”غُلامِ رَسُول“** آهيون؟ ڇا اسان جو چهرو غُلامانِ مصطفيٰ جهڙو آهي؟ ڇا اسان جو لباس غُلامانِ مصطفيٰ جهڙو آهي؟ اسان جي جيئڻ جو انداز، اسان جا طَور طريقا، اسان جو اُٿڻ، ويهڻ جو انداز، اسان جو سمهڻ جاڳڻ جو انداز، اسان جو هلڻ ڦِرڻ جو انداز، اسان جو ڳالهائڻ جو انداز، اسان جي کائڻ پيئڻ جو انداز، اسان جي ڪمائڻ جو انداز، اسان جا اَخلاق، اسان جا اَوصاف ڇا اهي سڀ ڪجهہ غُلامانِ مصطفيٰ جهڙا آهن؟ جيڪر نہ آهن تہ پوءِ ڪڏهن ٿيندا؟ 74 سال تہ آزادي حاصِل ڪندي گذري چڪا آهن، جيڪڏهن اڃا بہ اسان صحيح معنٰي ۾ آزاد نہ ٿياسين، نَفس جي غُلامي کان، شيطان جي غُلامي کان، غيرن جي تهذيب ۽ ثقافت جي غلامي کان جيڪڏهن اڃا بہ آزاد نہ ٿياسين تہ ڪڏهن ٿينداسين؟

## جشنِ آزادي ڪيئن ملهايون؟

هاڻي بن ڏينهن کان بعد يومِ آزادي اچڻ واري آهي، سيني کي خبر آهي تہ جشنِ آزادي تي اسان جي ئي مُعَاشري ۾ ڇا ماحول هوندو آهي. ميوزڪ

هلندو آهي، شور و غُل ٿيندو آهي، شراب پيتو ويندو آهي، ڇڙواڳ ڇوڪرا وَن ويلنگ (*One Wheeling*) ڪندا آهن، روڊن رستن تي هل هنگامو مچايو ويندو آهي. ڇا 14 آگسٽ ان بيهودگين جو ڏينهن آهي؟ اوهان کي معلوم آهي 14 آگسٽ ڪهڙو ڏينهن آهي؟ هي اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن مسلمانن آزادي حاصِل ڪرڻ جي لاءِ جانين جو نذرانو ڏنو هو، هڪ اندازي جي مطابق جڏهن پاڪستان بڻيو، " ان وقت 30 لک مسلمان شهيد ٿيا هئا."[(1)]

14 آگسٽ انهن شهيدن جي ورسي جو ڏينهن آهي، ورسِي جي ڏينهن ميوزڪ ناهي وڄائبو، قرآنِ ڪريم پڙهي، روزا رکي، فاتحه خواني ڪري پنهنجي شهيدن کي، فوت شدگان کي ايصالِ ثواب ڪيو ويندو آهي. 14 آگسٽ تي عبادت ڪريو، شڪراڻي جا نفل پڙهو ۽ پاڪستان جي لاءِ شهيد ٿيڻ وارن کي ايصالِ ثواب ڪريو.

جشنِ آزادي ڪيئن ملهائڻ گهرجي، اچو هن باري ۾ هڪ حديثِ پاڪ ٻڌون ٿا، اسان ٻُڌوسين تہ بني اسرائيل کي فِرعَون کان آزادي ملي، جڏهن اها آزادي ملي تہ الله پاڪ جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام اهو ڏينهن ڪيئن ملهايو هو، حديثِ پاڪ ۾ آهي: مديني پاڪ جا يهودي 10 محرم جو روزو رکندا هئا، پڇڻ تي انهن ٻڌايو، هن ڏينهن بني اسرائيل کي فِرعَون کان نجات ملي هئي تہ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ان شڪراڻي ۾ روزو رکيو هو، ان ڪري اسان 10 محرم تي روزو رکون ٿا.[(2)]

**سُبۡحٰنَ الله!** اها آهي جشنِ آزادي ملهائڻ جو اَصل طريقيڪار. الله پاڪ اسان سڀني کي هدايت نصيب فرمائي، شيطان جي غُلامي کان، نَفس جي غُلامي کان نجات عطا فرمائي. آمين بجاه النبي الامين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

---

[1]…تخليقِ پاڪستان ميں علماءِ اہلسُنّت کا کردار، صفحہ:14۔

[2]…بخاری، کتاب:الصوم، باب:صيام يوم عاشوراء، صفحہ:524، حديث:2004۔

ياخُدا پاک وطن کی تُو حفاظت فرما　فضل کر اس پہ سدا سایۂ رحمت فرما
اس کو تُو قلعۂ اسلام بنا دے یاربّ　مرے پیارے وَطنِ پاک پہ رحمت فرما
آج ہے امن وطن کا مرے پارہ پارہ　پھر مہیا مرے مولٰی! اسے راحت فرما
ہائے بدمست گناہوں میں ہوئے اہلِ وطن　یاخُدا سب کو عطا نیک ہدایت فرما
بچہ بچہ ہو نمازی مرے پاکستاں کا　اور عطا جذبۂ پابندیٔ سُنت فرما

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

الحمدللّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي به جشنِ آزادي ملهائيندي آهي، پر دعوتِ اسلامي جو انداز نِرالو آهي، الحمد لله! جشنِ آزادي جي موقعي تي مدني قافلا سَفَر ڪندا آهن، هزارين عاشقانِ رسول مدني قافلن ۾ سَفَر ڪري شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ وڃي دينِ جي، قرآن ۽ سُنّت جي تبليغ ڪندا آهن، پاڻ به نمازون پڙهندا آهن، ٻين کي به نمازن جي دعوت ڏئي مسجد ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، قرآنِ ڪريم جو، سُنّتن جو فيضان عام ڪندا آهن، عشق رسول جي شمع دِلين ۾ روشن ڪرڻ جي ڪامياب ڪوشش ٿيندي آهي، ايئن عاشقانِ رسول دين سکي، ٻين کي سيکاري حقيقي غُلامانِ مصطفيٰ بڻجڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ ٻين کي به انهيء راهه جو مُسَافِر بڻائيندا آهن.

**اي عاشقانِ رسول!** 14 آگسٽ تي سرڪاري موڪل هوندي آهي، اوهان به ذهن بڻايو، حقيقي غُلامِ رسول بڻجڻ جي لاءِ، تحريڪِ آزادي جي شهيدن جي اِيصالِ ثواب جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مدني قافلن ۾ سَفَر ڪريو ۽ آزادي جي نعمت جو شڪر ادا ڪريو.

## دِل جي حالت تبديل ٿي وئي

فيصل آباد (پنجاب، پاڪستان) جي رهاڪو هڪ اسلامي ڀاء جي بيان جو خُلاصو آهي: دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان مان بگڙيل ڪردار جو مالڪ هئس. ڪوڙ، غيبت، چغلي، بدنگاهي جهڙا گُنَاهَ منهنجي معمول جو حِصو هئا، مان مارشل آرٽ سکيو هو، جنهن جي ڪري هرويرو ماڻهن سان جهيڙو، هر نئين فيشن کي اپنائڻ منهنجو شوق هو، **افسوس! نمازن کان ايتري قدر دوري هئي جو مون کي اها بہ خبر نہ هئي تہ ڪهڙي نماز ۾ ڪيتريون رڪعتون هونديون آهن.** آخر رحمت جو در ڪليو ۽ منهنجي قسمت هيئن چمڪي جو منهنجي ملاقات پنهنجي هڪ دوست سان ٿي جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هو، ان مون کي مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي دعوت ڏني، دوست جي ڳالھ ٽاري نہ سگهيس ۽ ٽن ڏينهن جي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويس. مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول جي صحبت جي برڪت سان مون کي زندگي جي مقصد جي خبر پئي، پنهنجي گناهن تي شرمندگي ٿي، منهنجي اکين تان غفلت جو پردو هٽي ويو، دِل جي حالت تبديل ٿي وئي، مون گناهن کان توبہ ڪئي ۽ دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ زندگي گذارڻ لڳس.[1]

دل کی کالک دُھلے مرضِ عصیاں ٹلے	آؤ سب چل پڑیں قافلے میں چلو
کر سفر آئیں گے، تو سُدھر جائیں گے	اب نہ سستی کریں، قافلے میں چلو[2]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1 …رسائل مدنی بہار، صفحہ:74۔
2 …وسائلِ بخشش، صفحہ:669-672۔

## ايپلي ڪيشن جو تعارف

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله ! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي: *online rohani ilaj & istikhara* هن ايپلي ڪيشن ۾ ❖ آن لائن استخاره ❖ آن لائن مريد ❖ آن لائن روحاني علاج ❖ آن لائن تعويذ ❖ آن لائن ڪاٽ ۽ مختلف وظائف يعني ❖ بيماري کان شفاء ❖ غربت کان نجات ❖ غم کان ڇوٽڪارو ❖ بلائن کان حفاظت ❖ ۽ دُعا جي قبوليت وغيره بابت وظيفا شامل آهن. اوهان بہ پنهنجي اِسمارٽ فون ۾ اها موبائل ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو، پاڻ بہ فائدو ڪٽو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. هڪ ڏينهن تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٿي پيرا فرمايائون: منهنجي نائِب تي الله پاڪ جي رَحمت وسي. عَرض ڪيو ويو: حُضُور! اوهان جا نائِب ڪير آهن؟ فرمايائون: منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪرڻ ۽ ٻين کي سيکارڻ وارا.[(1)]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ”تيل لڳائڻ“ سُنّتِ مصطفيٰ آهي

ٻہ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): جيڪو بغير بسم الله پڙهي تيل

[1]…جامع بيانِ عِلْم، بَابُ:عِلْم کے فضائل، جلد: 1صفحہ:201، حديث:220۔

لڳائي ته 70 شيطان ان سان گڏ شامل ٿي ويندا آهن.[1] (2): جڏهن توهان مان ڪو تيل لڳائي ته پروئن کان شروع ڪري، ان سان مٿي جو دَرد پري ٿيندو آهي.[2]

**اي عاشقانِ رسول!** تيل لڳائڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي. ❖ اسان جا نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪثرت سان تيل استعمال ڪندا هئا ❖ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايترو تيل لڳائيندا هئا جو مبارڪ زلفن مان تيل جا قطرا وهڻ لڳندا هئا.[3] ❖ رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن تيل لڳائڻ پسند ڪندا هئا.[4] ❖ سُنَّت اها آهي ته بِسمِ الله پڙهي تري تي تيل وجهي پهريان ڀنهي پروئن تي، پوءِ ڀنهي اکين جي پلڪن تي، پوءِ مٿي تي تيل لڳايو وڃي. اهڙي طرح ڏاڙهي ۾ تيل لڳائڻ مهل ٻُچي (يعني هينئين چپ ۽ ڪاڏي جي وچين وارن) کان ابتداء ڪرڻ سُنّت آهي.[5]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** سُنّت تي عمل ڪندي، سُنّت طريقي جي مطابق ڪثرت سان تيل لڳائڻ جي عادت ٺاهيو پر مٿي ۾ بَدبُو نه ٿئي، عمامو شريف ميرو نه ٿئي، ان جو خاص اهتمام ڪيو، مثلاً ممڪن هجي ته خوشبودار تيل لڳايو. سنت جي نيت سان مٿي تي سَربند به ٻڌو. الله پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

---

[1]…عمل اليوم والليلة لابن سنی، باب:التسمية اذادہن، صفحہ:116، حديث:174۔

[2]…جامع صغير، صفحہ:28، حديث:369۔

[3]…شمائل محمديہ، باب:فی ترجل رسول اللہ، صفحہ:115، حديث:33۔

[4]…شعب الايمان، باب:فی الملابس، فصل:کراہية الوسخ، جلد:5، صفحہ:168، حديث:6226۔

[5]…معجم اوسط، جلد:5، صفحہ:366، حديث:7629 و کنز العمال، جز:7، جلد:4، صفحہ:46، حديث:18295۔

تيل کی بوندیں ٹپکتی نہیں بالوں سے رضا     صبحِ عارِض پہ لٹاتے ہیں ستارے گیسو

وضاحت: اي رضا! سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زُلفن مان جيڪي تيل جا ٽِبڪا ڪِري رهيا آهن، مونکي اِهو منظر ائين لڳي رهيو آهي جيئن تارن سان ڀريل رات مصطفيٰ جي چهري تي، رُخِ والضُّحٰي تي تارا نچاور ڪري رهي آهي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.

(افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

## {2} سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.
(افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الحادیۃ عشرۃ، ص 65)

## {3} رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البدیع، الباب الثانی، ص277)

## {4} ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.
(افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149)

## {5} قُربِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽

صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البديع، الباب الاول، ص125)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.
(الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١)

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.
( مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ . سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ

آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد